# سنڌ ايڪٽ نمبر **VI** مجريه **1990**
# SINDH ACT NO.VI OF 1990
## سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) ايڪٽ، **1990**
# THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ACT, 1990
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Ordinance V of 1972

3. 1990 جي سنڌ آرڊيننس I جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance I of 1990



سنڌ ايڪٽ نمبر **VI** مجريه **1990**

**SINDH ACT NO.VI OF 1990**

سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) ايڪٽ،

# 1990
# THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ACT, 1990

[17 جولاءِ 1990]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) ايڪٹ، 1990 سڏيو ويندو.
(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Ordinance V of 1972

2. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 جي دفعه 4 ۾، ذيلي دفعه (4) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(4) سنڌ جو وڏو وزير يا سندس طرفان نامزد ڪيل چيف گيم وارڊن هوندو ۽ بورڊ جو ايڪس آفيشو چيئرمين هوندو.".

1990 جي سنڌ آرڊيننس I جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance I of 1990

3. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1990 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي